# شير خدا رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جوز هد

## 14-April-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

14 اپريل، 2023 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# شير خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو زهد

هن بيان ۾ اوهان ڇاٽي سگهندؤ.........

✿... شانِ مرتضيٰ ۾ 3 فرامينِ مصطفيٰ

✿... صحابہ ڪرام ۾ سڀ ڪان وڏا زاهد

✿... آخرت جا طلبگار بڻجي وڃو...!!

✿... اي علي! اوهان ان وقت ڇا ڪندؤ...!

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَۃُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

هڪ ڀيري جو ذڪر آهي تہ امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا رضي الله عنه ڪنهن هنڌ وينا هئا، سندن ڪان ٿورو پري ڪافر بيٺا هئا، هڪ فقير انهن ڪافرن وٽ آيو ۽ انهن ڪان ڪجهہ گهريائين. انهن ڪافرن مذاق جي طور تي امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا رضي الله عنه ڏانهن اماڻي ڇڏيو. جيڪي سامهون وينا هئا. ان (يعني فقير) حاضر ٿي ڪري (ڪجهہ گهرڻ لاءِ) هٿ وڌايو. پاڻ رضي الله عنه ڏهہ ڀيرا درود شريف پڙهي ان جي هٿن جي تِريءَ تي دم ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون، مٺ بند ڪري ڇڏيو ۽ جن ماڻهن توکي موڪليو آهي انهن جي سامهون وڃي کوليو. (ڪافر اهو منظر ڏسي ڪري کِلڻ لڳا تہ خالي ڦوڪ هٽڻ سان ڇا ٿيندو!) پر جڏهن فقير انهن جي سامهون وڃي مٺ کولي تہ اها هڪ دينار(**سون جي سڪي**)سان ڀريل هئي! هيءَ **ڪرامت** ڏسي ڪيترائي ڪافر مسلمان ٿي ويا (1)

پیٔے حسین و حسن فاطمہ علی حیدر
ہمارے بگڑے ہوئے کام دے بنا یارَبّ! (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] …راحتُ القلوب، صفحہ:50۔
[2] …وسائِل بخشش،صفحہ:76۔

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. انشآءَالله الڪريم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سمجهائڻ جو نرالو انداز

هڪ سيّد صاحب تنگ دستي ۾ مبتلا هو، اهو سيدي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان ملڻ جي لاءِ ايندو هو ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ پنهنجي تنگ دستي ۽ غربت جي شڪايت به ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن اهو سيد صاحب تشريف ڪٺي آيو ته تمام گهڻو پريشان هو.

سيدي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سمجهائڻ جو انداز مرحبا...!!پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪمال حڪمتِ عملي جي تحت سيد سڳوري کي سمجهائيندي فرمايو: صاحبزادا! هي ارشاد فرمايو ته جنهن عورت کي پيءُ طلاق ڏئي ڇڏي هجي ڇا اها پٽ لاءِ حلال ٿي سگهي ٿي؟ سيد سڳوري فرمايو: نه. ان تي سيدي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: هڪ ڀيري اوهان جي جدّ اعلي، مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضٰي، شير خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ اڪيلائي ۾ پنهنجي چهري مبارڪ تي هٿ ڦيري فرمايو: اي دنيا ڪنهن ٻئي کي ڌوڪو ڏي، مون توکي

[1]... مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895.

اهڙي طلاق ڏني جنهن ۾ ڪڏهن رجعت(يعني ٻيهر صلح جي راهه) ناهي. پوءِ پاڻ رحمۃ اللہ علیہ فرمايو: شهزادهءِ حضور! ڇا هن قول کا بعد بہ ساداتِ ڪرام جو غربت ۽ افلاس ۾ مبتلا ٿيڻ تعجب جي ڳالهه نہ آهي؟ سيد سڳوري چيو: وَاللّٰه (الله جو قسم)! اوهان جي هنن ڳالهين مون کي دلي سڪون پهچائي ڇڏيو آهي، ان کان پوءِ شهزادي ڪڏهن بہ پنهنجي غربت جي شڪايت نہ ڪئي. (1)

حرصِ دُنیا نکال دے دِل سے | بس رہوں طالِبِ رِضا یارَبّ!
ہائے حُسنِ عمل نہیں پلّے | حشر میں میرا ہو گا کیا یارَبّ!
خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو | خاکِ طیبہ کا واسطہ یارَبّ!
دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد | کوئی ایسی ہَوا چلا یارَبّ!(2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ سکڻ جون ڪيئي ڳالهيون آهن مثال طور: سيدي اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ جي سمجهائڻ جو دلنشين انداز ڏسو! هڪ سيد صاحب پنهنجي غربت جي شڪايت ڪندو هو، اعلٰي حضرت رحمۃ اللہ علیہ ڪهڙي نہ ڪمال حڪمت عملي سان انهن کي سمجهايو جو سيد زادي جو ادب بہ ذهن ۾ رهيو ۽ انهن کي سمجهائي بہ ائين ڇڏيو جو انهن جي دل ۾ ڳالهه ويهي رهي ۽ غم پري ٿي ويو.

اسان کي بہ گهرجي تہ اسان نيڪي جي دعوت حڪمتِ عملي سان ڏيندا ڪيون، ڪڏهن، ڪاٿي، ڇا ڳالهائڻو آهي؟ ڪنهن کي ڪهڙي انداز ۾ سمجهائڻو آهي؟ ان تي غور بہ ڪيو ۽ اهي ڳالهيون سکندا بہ ڪيو. شيخ

---

1...ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:127 بتغیر ۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:80-81ملتقطاً ۔

طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تمام زبردست ڪتاب آهي: نيڪي جي دعوت. ان ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جا فضائل، نيڪي جي دعوت نہ ڏيڻ جا نقصان ۽ نيڪي جي دعوت ڪيئن ڏيڻي آهي؟ ان جا طريقا لکيا آهن، اها ڪتاب پڙهي وٺو! ان شآءَالله الڪريم! زبردست ۽ بااثر مبلغ بڻجڻ ۾ ڪافي مدد ملندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

بد کلامی نہ ہو، یاوہ گوئی نہ ہو | بولوں میں کم سے کم، تاجدارِ حرم

وڌيڪ هن واقعي ۾ اسان جي سکڻ جي اها ڳالهہ بہ آهي تہ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ، شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جنهن کي دنيا ۾ ئي جنت جي خوشخبري ٻڌائي وئي، جن جا شهزادا يعني امام حسن و امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما جنتي نوجوانن جا سردار آهن، اهي ئي علي المرتضيٰ، شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جنهن جي در تان زماني جون جهوليون پرجن ٿيون، جيڪي مشڪل ڪشا بہ آهن، حاجت پوري ڪرڻ وارا بہ آهن، جيڪي هر مسلمان جا مولا(محبوب و مددگار) آهن، اهي ئي مولا علي، مشڪل ڪشا، شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ دنيا کان ڪيتري قدر بي رغبتي رکن ٿا، جڏهن اسان جي هنن اڳواڻن دنيا ۽ ان جي محبت کي پسند نہ ڪيو تہ اسان کي بہ گهرجي تہ دنيا جي محبت کي دل ۾ بلڪل بہ جڳهہ نہ ڏيون.

حُبِّ دُنیا میں دِل پھنس گیا ہے | نفسِ بدکار حاوِی ہوا ہے
ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
عشقِ احمد میں آنسو بہاؤں | حُبِّ دُنیا سے خود کو بچاؤں
ایسی توفیق دے اِلتجا ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... وسائل بخشش، صفحہ:134-138 ملتقطاً ـ

## حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو مختصر تعارف

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ مسلمانن جا چوٿان خليفا آهن، پاڻ مکي شريف ۾ پيدا ٿيا، 10 سالن جي عمر مبارڪ ۾ اسلام قبول ڪيائون [(1)] پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي والده محترمه سندن نالو حيدر جڏهن ته والد سندن نالو علي رکيو، رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس اَسَدُاللّٰه جي لقب سان نوازيو، اَسَدُ اللّٰه جي معنٰي آهي: شيرِ خدا يعني اللّٰه پاڪ جو شينهن. [(2)]

علی المرتضٰی شیرِ خُدا ہیں | کہ ان سے خوش حبیبِ کبریا ہیں

مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ مهاجرينِ اوّلين(يعني ابتدا ۾ ئي هجرت ڪرڻ وارا) ۽ عَشَرَه مُبَشَّرَه (يعني اهي ڏهه خوش نصيب صحابه جن کي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نالو وٺي ڪري جنت جي بشارت ڏني، انهن) مان آهن. غزوه بدر، احد وغيره ۾ شريڪ ٿيا. [(3)] سندن شجاعت ۽ بهادري تمام گهڻي مشهور ۽ معروف آهي. مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي شهادت کان بعد پاڻ مسندِ خلافت تي تشريف فرما ٿيا. [(4)] پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ 4 سال، 8 مهينا ۽ 9 ڏينهن تائين خلافت جون ذميداريون نهايت حسن و خوبي سان انجام ڏنيون. [(5)] 17 يا 19 رمضان المبارڪ سن 40 هجري جو هڪ خبيث خارجي جي قاتلاڻي حملي سان سخت زخمي ٿي پيا ۽ 21 رمضان شريف آچر جي رات شهادت ماڻي. [(6)] اللّٰه پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان

---

[1] … ڪراماتِ شير خدا،صفحه:12 ملخصاً۔
[2] … مرآة المناجيح،جلد:8، صفحه:412، ملخصاً۔
[3] …اسد الغابه، جلد:4، صفحه:88 ۔
[4] …تاريخ الخلفاء، صفحه:111۔
[5] …ڪراماتِ شيرِ خدا، صفحه:13۔
[6] …معرفة الصحابه، جلد:1، صفحه:100 ۔

جي بي حساب بخشش تئي. اٰمِين بِجَاہ خاتم النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَصْلِ نَسْلِ صَفَا، وجہِ وَصْلِ خُدا | بابِ فَضْلِ وِلایَت پہ لاکھوں سلام [1]

وضاحت: حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ خالِص پاڪ سيدن جي پاڙ ۽ بنياد آهن، واصِل بِاللہ (يعني اللہ پاڪ جو مُقَرَّب) ٿيڻ جو سبب ۽ ولايت جون فضيلتون ملڻ جو دروازو آهن. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ تي لکين سلام هجن.

## شانِ مرتضيٰ ۾ 3 فرامينِ مصطفيٰ

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ، شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جو شان نهايت بلند آهي، سندن فضائل آسمانن جي تارن ۽ واري جي ذرڙن وانگر بيحد ۽ بيشمار آهن: (1) پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ يعني جنهن جو مان موليٰ آهيان، ان جو علي موليٰ آهي. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم دعا گهري: اَللّٰهُمَّ وَالِ مَنْ وَالَاهُ وَ عَادِمَنْ عَادَاهُ يعني اي اللہ پاڪ! جيڪو علي سان محبت ڪري، تون ان سان محبت فرماءِ ۽ جيڪو علي سان دشمني رکي، تون ان سان دُشمني فرماءِ.[2]

جس کسی کا میں ہوں مولیٰ، اس کے مولیٰ ہیں علی | ہے یہ قولِ مصطفےٰ مولیٰ علی مشکل کشا [3]

(2) حضرت عبد اللہ بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ کان روايت آهي، اللہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلنَّظَرُ اِلٰی وَجْهِ عَلِيٍّ عِبَادَةٌ يعني علي جي چهري ڏانهن ڏسڻ عبادت آهي.[4]

(1) مُسلم شريف جي حديثِ پاڪ آهي ۽ ان جا راوِي (يعني حديث بيان ڪرڻ

[1] …حدائقِ بخشش، صفحہ: 313 ۔

[2] …مصنف ابنِ ابی شیبہ ، کتاب الفضائل ، فضائل علی بن ابی طالب ، جلد: 7، صفحہ: 499 ، حدیث: 28۔

[3] …وسائلِ بخشش ، صفحہ: 521۔

[4] …مستدرک ، کتاب معرفۃ الصحابۃ ، باب النظر الی علی عبادۃ ، جلد: 4، صفحہ: 118 ، حدیث: 4737۔

وارا) پاڻ حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ آهن، فرمائن ٿا: مون کي اُن ذات جو قسم! جيڪو داڻي کي چيريندو(يعني داڻي مان وڻ ڪڍي) ٿو، ان ذات جو قسم! جنهن رُوح کي پيدا ڪيو، بيشڪ نبي اُمِّي، رسولِ هاشمي، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مون سان واعدو آهي تہ اَنْ لَّا يُحِبَّنِـي اِلّا مُـؤْمِن وَ اَنْ لَّا يُبْغِضَـنِي اِلّا مُنَافِق يعني مون سان محبت نہ رکندو پر مؤمن ۽ مون سان بُغض (يعني دِل ۾ دُشمني) نہ رکندو پر مُنَافق.[1]

میں گناہوں کا مریض اور آپ ہیں میرے طبیب
دیجئے! مجھ کو شفا مولیٰ علی مشکل کُشا!
مغفرت کروائیے! جنّت میں لے کے جائیے!
واسِطہ حسنین کا مولیٰ علی مشکل کُشا!
اشکبار آنکھیں عطا ہوں، دِل کی سختی دُور ہو
دیجئے خوفِ خُدا مولیٰ علی مشکل کُشا!
بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا
لے کے کشکول آگیا مولیٰ علی مشکل کُشا!
کیوں پِھروں در در بھلا خیرات لینے کے لئے
میں فقط منگتا تِرا مولیٰ علی مشکل کُشا![2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جوزهد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مولا علي شيرِ خدا** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جون تمام گهٽيون اعليٰ

---

[1]… مسلم،کتاب الايمان،باب الدليل على ان حب الانصار ،صفحہ:50 ،حديث:78۔

[2]… وسائِلِ بخشش،صفحہ:522- 523- 524 ملتقطًا ۔

خوبيون آهن، ڪين حديث پاڪ ۾ بَابُ مَدِيْنَۃِ الْعِلْم (يعني علم جي شهر جو دروازو) چيو ويو آهي [1] سندن جي شجاعت ۽ بهادري جي ڪا مثال نٿي ملي، اهو به چيو ويو ته لَاسَيْفَ اِلَّا ذُوالْفِقَارِ وَلَا فَتٰى اِلَّا عَلِیٌّ يعني (جوان ناهي پر علي ۽ تلوار ناهي پر ذوالفقار). [2] اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

بَہرِ تسلیمِ علی میداں میں | سر جھکے رہتے ہیں تلواروں کے [3]

ائين ئي مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي تقوٰي، سندن پرهيزگاري. سندن عشقِ رسول. سندن محبتِ الٰهي. سندن ذوقِ عبادت مطلب ته: بيشمار اوصاف آهن جيڪي اسان کي مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي پاڪيزه سيرت مان سکڻ جي لاءِ ملن ٿا:

## صحابہ کرام مان سڀ کان وڏا زاهد

مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي انهن ئي اعلٰي اوصاف ۽ ڪمالات منجهان هڪ اهم وصف: شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو زهد ۽ دنيا کان بي رغبتي به آهي. اهو حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي خصوصي اوصاف مان هڪ اهم وصف آهي. پنهنجي دور جا تمام وڏا محدث **حضرت سيدنا سفيان بن عُيَيْنَہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: صحابہ ڪرام** عَلَيهِمُ الرِّضْوَان مان سڀ کان وڏي عمر وارا اميرالمومنين حضرت علي المرتضٰي، شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هئا. [4]

---

[1]...معجمِ ڪبير، جلد:5، صفحه:264، حديث:10898۔

[2]...تاريخِ مدينه دمشق، جلد:42، صفحه:71۔

[3]...حدائقِ بخشش، صفحه:360۔

[4]...احياء علوم الدين ،ڪتاب الفقر و الزہد ،بيان تفضيل الزہد فيما ہو ...الخ،جلد:4، صفحه:290۔

## حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْه جي خوب صورتي زهد هو

صحابيءِ رسول حضرت عمّار بن ياسر رَضِیَ اللہُ عَنْه کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْه کي فرمايو: اي علي! الله پاڪ توکي اهڙي خوبصورتي سان نوازيو آهي جو هن کان وڌيڪ پسنديده سينگار سان ان کنهن کي ناهي سينگاريو ، اها الله پاڪ وٽ نيڪ ماڻهن جي زينت آهي يعني دنيا کان بي رغبتي. پوءِ هاڻي نه دنيا کي توسان کو مطلب آهي، نه توکي ان سان کو تعلق....! (اي علي رَضِیَ اللہُ عَنْه !) الله پاڪ توکي مسکينن جي محبت عطا فرمائي آهي. (1)

## زهد هڪ خوبصورتي آهي

سبحٰن الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو : زهد(يعني دنيا کان بي رغبتي ) خوبصورتي آهي ۽ خوبصورتي به کهڙي ؟ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي خوبصورتي، اها خوبصورتي جنهن کي الله پاڪ پسند فرمايو آهي ۽ مولا علي، شير خدا رَضِیَ اللہُ عَنْه جي شان تان قربان وڃجي! جو الله پاڪ کيس پنهنجي هن پسنديده خوبصورتي سان آراسته کيو آهي.

ڪاش! اسان کي به دنيا کان بي رغبتي نصيب ٿي وڃي ! ڪاش! دل مان دنيا جي محبت نڪري وڃي ، الله ۽ رسول جي محبت دل ۾ ائين سمائجي جو کنهن ٻئي شيءِ جي لاءِ دل ۾ جڳهه ئي نه رهي.

حُبِّ دُنیا سے تُو بچا یارَبّ! | عاشقِ مصطفےٰ بنا یارَبّ!
کاش! لب پر مرے رہے جاری | ذِکر آٹھوں پہر ترا یارَبّ!
آہ! طغیانیاں گناہوں کی | پار نَیّا مری لگا یارَبّ!
نفس و شیطان ہو گئے غالِب | ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یارَبّ! (2)

---

1...حلية الاولياء ،جلد:1 ،صفحه:113،حديث:223۔

2...وسائلِ بخشش ،صفحه:79 ملتقطًا ۔

## امت کي دنيا کان بي رغبتي جو حڪم

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ

**ترجمو ڪنز العرفان:** پنهنجي نگاهه ان مال ۽ اسباب ڏانهن نه ڪڻو جنهن جي ذريعي اسان ڪيترن ئي قِسمن جي ڪافرن کي فائدو ڪڻڻ ڏنو آهي.

عالم سڳورا فرمائن ٿا: اهو حڪم اصل ۾ اسان مصطفٰي ڪريم جي غلامن لاءِ آهي، يعني اسان مسلمانن کي فرمايو ويو آهي ته اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا غلامو! توهان کي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون عطا ٿيون، توهان کي ايمان مليو، اسلام عطا ٿيو، قرآن ڪريم ڏنو ويو، اهڙي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ رحمت سان توهان نوازيا ويا، پوءِ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ انشاءَاللهُ الڪريم ! توهان کي جنت جون هميشه رهڻ واريون نعمتون به عطا ڪيون ويندون، اهو سڀ ڪجهه ڪافرن کي ڪاٿي نصيب......!! تنهنڪري ڪافرن کي مليل دنياوي، فاني مال و اسباب ڏانهن نگاهه نه ڪڻو! انهن کي هرگز لالچ وارين نظرن سان نه ڏسندا ڪيو!

## دنيا فاني آخرت باقي آهي

**اي عاشقانِ رسول!** اها حقيقت آهي! دنيا فاني آهي، اها جلد ئي فنا ٿي ويندي، هتي جيترو به عيش ڪري وٺون، جيترو به مال جمع ڪري وٺون، آخرڪار فنا ٿيڻو ئي پوندو، دنيا مان خالي هٿين وڃڻو ئي پوندو. اسان سيئي اها ڳالهه ڄاڻون ٿا پر افسوس! دنيا، مال ۽ دولت، هتان جي فاني نعمتن جي محبت اسان جي دلين ۾ گهر ڪري وئي آهي، افسوس! ڪاش اسان دنيا جي بدران آخرت جا طلبگار بڻجي وڃون. الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا

**ترجموڪنزالعرفان:** (اي حبيب!) اوهان فرمايو، ڇا مان توهان کي انهن شين کان بهتر شيءِ ٻڌايان؟ (ٻڌو، اها هي آهي تہ) پرهيزگارن جي لاءِ انهن جي رب وٽ جنتون آهن جن جي هيٺان نهرون جاري آهن انهن ۾ اهي هميشہ رهندا.

يعني اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! ماڻهن کي فرمايو! تہ ڇا مان توهان کي دنياوي مال و دولت، سون چاندي، ڪاروبار، باغن، عمده سوارين ۽ بهترين مڪانن کان سني، عمده ۽ بهتر شيءِ ٻڌايان؟ ٻڌو اها اللّٰه پاڪ جي قرب جو گهر يعني جنت آهي، هن ۾ کير، شهد (ماکي)، پاڪيزه شراب جون نهرون وهي رهيون آهن، اها جنت پرهيزگارن جي لاءِ آهي ۽ اهي ان ۾ هميشہ رهندا. (1)

## آخرت جا طلبگار بڻجي وڃو...!!

مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت علي المرتضٰي، شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: ٻڌي ونو! بيشڪ دنيا منهن موڙي وڃي رهي آهي ۽ آخرت اچي رهي آهي، انهن ٻنهي جا طلبگار آهن، توهان دنيا جا طلبگار نہ بڻجي وڃجو! آخرت جا طلبگار ٿجو...!!! بيشڪ اڄ عمل جو ڏينهن آهي، اڄ حساب ناهي، سڀاڻي عمل جو وقت ناهي، حساب جو ڏينهن آهي. (2)

حرصِ دُنیا نکال دے دِل سے | بس رہوں طالِبِ رِضا یاربّ!
ہائے حُسنِ عمل نہیں پلّے | حشر میں میرا ہو گا کیا یاربّ!

[1]… تفسير صراط الجنان، پاره:3، سورةُ آلِ عمران، تحت الآية:15، جلد:1، صفحہ:446 بتغير قليل ۔

[2]…فضائل الصحابة لامام احمد بن حنبل، جز:1، صفحہ:530، حديث:881۔

خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو | خاکِ طیبہ کا واسطہ یاربّ!
دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد | کوئی ایسی ہَوَا چلا یاربّ! (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْه جي قناعت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جي آقا، مولا علي شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْه جي زهد جي ڪهڙي نہ شان آهي...! پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِين هئا، خَلِيْفَةُ الْمُسْلِمِين هئا، تاج ۽ تخت سندن جو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چاهين ها تہ عيش ۽ عشرت سان ڀرپور زندگي گذارين ها پر سندن زهد و تقوٰي واري، صبر ۽ قناعت واري زندگي گذارڻ کي پسند فرمايائون. **حضرت سُوَيد بن غفلہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان امير المؤمنين، حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خُدا رَضِيَ اللهُ عَنْه جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ دارالامارة ڪوفي ۾ حاضر ٿيس، سندن آڏو **جَوَن** جي ماني ۽ کير جو هڪ پيالو رکيل هو، ماني خشڪ ۽ ايڏي سخت هئي جو ڪڏهن پنهنجي هٿن سان ۽ ڪڏهن گوڏن تي رکي ٽوڙي رهيا هئا، اهو ڏسي مون پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ٻانهيءَ **فِضّہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي چيو، توهان کي هنن تي ترس نہ ٿو اچي؟ ڏسو تہ سهي مانيءَ تي سِنور لڳل آهي، سندن لاءِ **جَوَ شريف** ڇاڻي ڪري نرم ماني پچائينديون ڪريو، تہ جيئن گرهہ ڳِهڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي، حضرت **فِضّہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا وراڻيو تہ امير المؤمنين رَضِيَ اللهُ عَنْه اسان کان عهد ورتو آهي تہ سندن لاءِ ڪڏهن **جَوَ شريف** ڇاڻي نہ پچايا وڃن، ايتري ۾ امير المؤمنين رَضِيَ اللهُ عَنْه مون ڏانهن متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون اي ابنِ غفلہ! توهان هن ٻانهيءَ کي ڇا چئي رهيا آهيو؟ مون جيڪو ڪجهہ چيو هو اهو ڪين عرض ڪيو ۽ التجا ڪئي تہ يا امير المؤمنين! توهان پنهنجي جان تي رحم فرمايو ۽ ايڏي تڪليف نہ ڪٽو.

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:80-81ملتقطاً۔

تڏهن پاڻ رضي الله عنه فرمايائون، اي ابنِ غفلہ! ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار، محبوبِ پروردگار صلّى الله عليه واله وسلّم ۽ سندن اهل و عيال ڪڏهن بہ ٽي ڏينهن لڳاتار ڪڻڪ جي ماني پيٽ ڀري نہ ڪاڌي ۽ نہ ئي پاڻ سڳورن صلّى الله عليه واله وسلّم لاءِ اٽو ڇاڻي ڇڇايو ويو، هڪ ڀيري مدينهءِ منوره زادها الله شرفًا وّتعظيمًا ۾ بُک ڏاڍو تنگ ڪيو تہ مان مزدوريءَ لاءِ نڪتس، ڏٺم تہ هڪ عورت مٽيءَ جي ڍيرن کي گڏ ڪري انهن کي آلو ڪرڻ پئي چاهيو مون ان سان في ڏول هڪ کارڪ مزدوري مقرر ڪئي ۽ سورهن ڏول وجهي ڪري ان مٽيءَ کي آلو ڪيم، ايتري تائين جو منهنجي هٿن ۾ لِڦون پئجي ويون، پوءِ اهي کارڪون کڻي ڪري آءُ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافع اُمم صلّى الله عليه واله وسلّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ پورو واقعو بيان ڪيم تہ پاڻ سڳورن صلّى الله عليه واله وسلّم بہ انهن مان ڪجھ کارڪون کاڌيون. (1)

## لباس جي سادگي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضٰي، شير خدا رضي الله عنه جي سادگي تي اسان جي جان قربان ٿئي. ڪيئي مصيبتون برداشت ڪرڻ جي باوجود زبان تي ڪڏهن شڪايت جو لفظ بہ نہ آندائون. غذا سان گڏوگڏ سندن لباس بہ ڏاڍو سادو هوندو هو. هڪ ڀيري پاڻ رضي الله عنه جي خدمت ۾ عرض ڪئي وئي: اوهان پنهنجي قميص ۾ چتيون ڇو لڳائيندا آهيو؟ فرمايائون: يَخْشَعُ الْقَلْبُ وَيَقْتَدِى بِهِ الْمُؤمِنُ هن سان دل ۾ خشوع پيدا ٿيندو آهي ۽ هن سان ماڻهو مومن ٻانهي جي اقتداء ڪندا آهن. (2)

سبحٰن الله ڪاش! حضرت علي شيرِ خدا رضي الله عنه جي صدقي اسان کي بہ زهد و تقوٰي جي دولت نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان جي دل مان دنيا جي

---

[1]… تذڪرة الخواص ،الباب الخامس،صفحه:112۔

[2]…حلية الاولياء،جلد:1 ،صفحه:124۔

محبت نڪري، اسان دنيوي عيش و عشرت جي جڳهہ آخرت جي آرام ۽ سڪون جا طلبگار بڻجي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## زهد اختيار ڪرڻ جي ترغيب

حضرت نَوف بَڪالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ هڪ رات امير المؤمنين مولیٰ مشڪل ڪشاء حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻاهر نڪتا ۽ تارن جي طرف ڏسڻ لڳا پوءِ فرمايائون: اي نَوف! ستا پيا آهيو يا جاڳيل آهيو؟ مون عرض ڪيو يا اميرالمؤمنين! جاڳي رهيو آهيان. فرمايائون: اي نَوف! دنيا ۾ زُهد اختيار ڪرڻ ۽ آخرت ۾ رغبت رکڻ وارن جي لاءِ خوشخبري آهي. هي ئي اُهي ماڻهو آهن جن(رهڻ جي لاءِ عاليشان مڪان تعمير ڪرڻ جي بدران خالي) زمين کي اختيار ڪيو، ان جي خاڪ کي پنهنجو وڇائو بڻايو ۽ ان جي پاڻي کي خوشبو تصور ڪري ورتو، تلاوتِ قرآن ڪريم ۽ دعا کي پنهنجي پهچان ۽ شعار بڻائي ورتو، دنيا کان حضرت عيسٰي روح الله عَلَيْهِ السَّلَام وانگر ڪناره ڪشي اختيار ڪئي. (حلية الاولياء، جلد:1،صفحہ:120۔)

## زهد جا فائدا

اميرالمؤمنين حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شخص دنيا ۾ زهد اختيار ڪندو آهي الله پاڪ ان کي علمِ لدني سان نوازيندو ۽ بغير ڪنهن واسطي جي هدايت عطا فرمائيندو آهي، نورِ بصيرت عطا فرمائيندو ۽ ضلالت ۽ گمراهي کان بچائيندو آهي.(حلية الاولياء، جلد:1،صفحہ:113 ، حديث:225۔)

## اي علي! توهان اُن وقت ڇا ڪندؤ....!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جڏهن زُهد، تقويٰ، دنيا کان بي رغبتي وغيره جو بيان ٻڌندا آهيون تہ شيطان دل ۾ وسوسا وجهندو آهي تہ هاڻي اهي حالات ناهن، دنيا بدلجي چڪي آهي، هاڻي هي ڪجهہ نٿو ٿي سگهي، معاشري سان هلڻو پوندو آهي وغيره. اچو! هن وسوسي جي علاج جي لاءِ هڪ حديث پاڪ ٻڌون ٿا: مسلمانن جا چوٿان خليفا، موليٰ علي مشڪل ڪشاء، شيرخدا رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي فرمايو: اي علي ! جڏهن ماڻهو آخرت کان بي رغبت ٿي ويندا، دنيا کان محبت ڪندا، وراثت جو مال ڳڙڪائي ويندا، مال کان تمام گهڻي محبت ڪندا، دين کي بگاڙي ڇڏيندا ۽ حڪومت جي طرف مائل ٿي ويندا، ان وقت توهان ڇا ڪندؤ؟ حضرت موليٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْه عرض ڪيو: يارسول الله! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مان انهن ماڻهن کي ۽ جيڪو انهن اختيار ڪيو انهن کي ڇڏي ڏيندس، مان الله پاڪ، ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ آخرت کي اختيار ڪندس،(مرندي وقت تائين) دنيا جي مصيبتن ۽ آفتن تي صبر ڪندو رهندس، ايستائين جو اوهان سان اچي ملندس. هي ٻڌي ڪري پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: تو سچ چيو. اي الله پاڪ! علي کي ايئن ئي ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ. (ڪنز العمال ،ڪتاب الفتن و الاهواء والاختلاف ،جلد:6 ،جز:11 ،صفحه:125 ،حديث:31516۔)

پيکرِ خوفِ خدا اے عاشقِ خیرُالورٰی | تم سے راضی کبریا مولٰی علی مشکلکشا

اسان ٿورو معاشري جو جائزو وٺون! معاشري جو جيڪو نقشو هن حديث شريف ۾ بيان ٿيو آهي، ڇا اهو سڀ ڪجهہ اڄ ٿي ناهي رهيو....؟

❖ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ماڻهو آخرت کان بي رغبت ٿي ويندا. اڄ ماڻهو آخرت جي فڪر کان پري آهن، ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد قبر ۽ آخرت

جي ياد کان غافل آهي ❖ سرڪار علي وقار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو دنيا کان محبت ڪندا، اڄ ماڻهن جي گهڻائي دنيا جي محبت ۾ گرفتار آهي ❖ حضُور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو وراثت جو مال ڳڙڪائي ڪائي ويندا، اڄ وراثت جي مال ۾ خيانت ڪئي پئي وڃي، ڀين جا حق پامال ڪيا پيا وڃن. مالِ وراثت جي حَقدارن کي سندن حقن کان محروم رکيو پيو وڃي ❖ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو مال کان تمام گهڻي محبت ڪندا. اڄ ڏٺو وڃي تہ مال جي محبت دلين ۾ رچي بسي چڪي آهي، مال جي محبت ۾ چوريون ڪيون وڃن ٿيون، ڌاڙا هنيا وڃن ٿا، ماپ تور ۾ ڪمي ڪئي ويندي آهي، مال جي محبت ۾ گناهن جو بازار گرم ڪيو ويندو آهي، وياج جي ڏي وٺ ڪئي ويندي آهي، حرام ذريعن کان مال ڪمايو ويندو آهي، مطلب تہ مال جي محبت دلين ۾ گهر ڪري چڪي آهي ❖ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو دين کي بگاڙي ڇڏيندا، عهدي، منصب ۽ حڪومت جي طرف مائل ٿي ويندا. هي ڳالهہ بہ اسان معاشري ۾ ڏسي سگهو ٿا. ايئن بلڪل ٿي رهيو آهي.

هاڻي ٿورو غور ڪيو، جيڪڏهن اڄ اسان جا آقا، موليٰ علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هجن ها تہ هُو ڇا ڪن ها؟ موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پنج ڪم بيان ڪيا تہ جيڪڏهن اهڙي زماني ۾ ڪين هجن ها تہ پنج ڪم ڪن ها: (1) پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمايو: مان انهن( آخرت کي وسارڻ، دنيا کان محبت رکڻ ۽ دين ۾ فساد پکيڙڻ وارن) ماڻهن کي ڇڏي ڏيندس، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان اهڙن ماڻهن جي صحبت کان بچون، فڪر آخرت اپنائڻ وارن، قبر ۽ آخرت جي تيارين ۾ مصروف رهڻ وارن نيڪ پرهيزگار، عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪيون. (2) موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمايو: ماڻهو ان وقت جيڪو اختيار ڪندا(يعني دنيا پرستي، آخرت کان بي فڪري، مال جي محبت، عهدي ۽ حڪومت جي محبت وغيره) مان انهن سيني کي ڇڏي ڏيندس، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان انهن شين کان پيڇو ڇڏايون، مال جي محبت، دنيا جي محبت، آخرت کان بي

فڪري، عهدي ۽ منصب جي حرص وغيره دل مان ڪيون، قبر ۽ آخرت جي تياري ڪيون، جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل اپنايون ۽ دل ۾ خوفِ خدا وڌائڻ جي ڪوشش ڪيون. (3) موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ چيو: مان الله ۽ رسول جي اطاعت اختيار ڪندس. هي به نهايت اهم ڪم آهي، اڄڪلهه هڪ سوچ پاتي وڃي ٿي ته

ہے جس طرف کی ہوا، اسی طرف کو چل

يعني معاشرو جنهن طرف وڃي رهيو آهي، توهان به انهيءَ طرف هلو!' هي سوچ بلڪل غلط آهي، اسان جي لاءِ معيار معاشرو ناهي، اسان جي لاءِ معيار حالات ناهن، زمانو ناهي، ڪا قوم ناهي، اسان جي زندگي جو معيار، اسان جي لاءِ بهترين نمونو آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهن. معاشرو جهڙو به هجي، حالات جيئن به هجن، اسان کي الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ئي ڪرڻي آهي. ٿورو غور ته ڪيو! جيڪڏهن معاشري ۾ وياج عام ٿي وڃي ته ڇا اسان به وياج جي ڏي وٺ ڪرڻ لڳنداسين؟ جيڪڏهن معاشري ۾ شراب ۽ بدڪاري عام ٿي وڃي ته ڇا اسان به مَعَاذَالله! هي ڪم ڪرڻ لڳي ويندا سين؟ نه.....! هرگز نه. اسان هر حال ۾ الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪنداسين. اسان ڪلمو معاشري جو نه بلڪه الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول جو پڙهيو آهي. اها ئي ڳالهه اسان کي موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ سمجهائي رهيا آهن ته جيڪڏهن معاشرو بگڙي وڃي، ماڻهو آخرت کي وساري ڪري دنياپرست بڻجي وڃن. دين ۾ فساد پکيڙڻ لڳن ته مان ان فتنن واري دور ۾ به ماڻهن جي پرواهه ڪونه ڪندس، معاشري جي پٺيان نه هلندس بلڪه الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب جي اطاعت ۽ فرمانبرداري اختيار ڪندس.

دل سے دنیا کی محبّت دور کرکے یا علی! | دیدو عشقِ مصطفےٰ مولیٰ علی مشکل کُشا!

(4) موليٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ وڌيڪ فرمايو: (جڏهن ماڻهو آخرت کان غافل ۽ دنيا تي

فدا ٿي رهيا هوندا) مان ان وقت دنيا کي نہ بلڪ آخرت کي اختيار ڪندس. (5) ۽ هي سڀ ڪرڻ ۾ مشڪلات جو منهن ڏسڻو پوندو، جڏهن ماڻهو بگڙي ويندا، معاشري جو نقشو ئي بدلجي ويندو، اهڙي وقت ۾ آخرت جي فڪر ڪرڻ، الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪرڻ، سنتون اپنائڻ، دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪرڻ نهايت مشڪل ڪم هوندو، ماڻهو طعنا ڏيندا، معاشري ۾ برو پلو چيو پئي ويندو تہ ڇا ڪرڻو آهي؟ موليٰ علي رضي الله عنه چيو: يارسول الله صلى الله عليه واله وسلم! مان هن مشڪلات ۽ آفتن جي گهڙين ۾ مرندي وقت تائين صبر ڪندو رهندس.

الله ! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ هن پُرفتن دور ۾ اسان ڪي زندگي ڪيئن گذارڻي آهي، اسان جي سوچ، اسان جي فڪر، اسان جو انداز، اسان جو ڪردار ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ مولاءِ ڪائنات موليٰ علي رضي الله عنهاسان کي هڪ پورو نصاب ڏئي ڇڏيو آهي. ڪاش! اسان هن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. ڪاش! اسان هي انداز اختيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صلى الله عليه واله وسلم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، الحمدلله! دعوتِ اسلامي نيڪ، نمازي بڻائڻ واري، سڄي دنيا ۾ سنّتن کي عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي، توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ

ديني ڪم: نيڪ اعمال بہ آهي. هيءُ مختصر رسالو مڪتبةُ المدينہ کان طلب ڪيو ۽ چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تان ڈاؤن لوڊ ڪري ونو بلڪہ وڌيڪ آساني گهرو تا تہ پنهنجي موبائل ۾ Naik Amal ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ونو، هن ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هينان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو بہ وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو ونو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ الله الْڪَريم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سترو، نڪريل نڪريل، خوبصورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو گهراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازو قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاء مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (Introduction) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جو اصلاح امّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت ڇا ٿي، دل گناهن کان

بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي ويئي، مون گناهن کان توبه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، اَلحَمدُلِلّٰه! آهستي آهستي پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀري چينلن جي جڳهه مدني چينل هلڻ لڳو.

خوب مدنی قافلوں کی دھوم ہو نیک ہو امّت اے نانائے حسین!
مدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل نیک ہو امّت اے نانائے حسین!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فيضانِ حديث (*Faizan e Hadees*) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلِلّٰهِ! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي به مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سلسلي ۾ اَلحَمدُلِلّٰهِ! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرفان تمام پياري، نرالي ۽ نهايت فائدي مند موبائل ايپلي ڪيشن بنام "فيضانِ حديث" Play Store ۽ App Store تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جو تمام گهڻو پڙهيو ويندڙ ڪتابُ مِشڪوٰةُ الْمَصابِيح ۽ ان جي آسان اردو شرح مِراٰةُ المناجِيح شامل ڪئي وئي آهي، عنقريب هن ۾ حديثِ پاڪ جا ٻيا ڪتاب به شامل ڪيا ويندا.

ڪجهه اهم خصوصيتون: ❖ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان مبارڪ حديثن کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهرج جي موضوع جو مطالعو به

ڪري سگهو ٿا ❖ سرچ آپشن بہ موجود آهي، جنهن جي مدد سان توهان مڪمل ڪتاب ۾ يا هڪ حديث ۾ مختلف الفاظ ۽ مڪمل جملو بہ سرچ ڪري سگهو ٿا ❖ اهڙيءَ طرح حديث پاڪ جا عربي الفاظ، ان جا ترجما ۽ شرح ۾ الڳ الڳ بہ سرچ ڪري سگهجن ٿا ❖ عُلماءِ ڪرام ۽ طلباء جي لاءِ هن ۾ حديثِ پاڪ جو عربي مَتن اعراب سان گڏ ۽ بنا اعراب جي، ٻنهي طرح ڏسڻ جي سهولت موجود آهي ❖ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ جي لاءِ پسنديده حديثن کي Favorite ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي ❖ اهڙيءَ طرح هن ايپلي ڪيشن ۾ مختلف فائونٽ ۽ ❖ حديثون شيئرنگ جي سهولت بہ ڏني وئي آهي.

اج ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ بہ حديثِ پاڪ جو فيضان لُٽيو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي روزي جي متعلق چند مدني گل بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو.

## روزو ٽوڙڻ واريون شيون

❖ کائڻ، پيئڻ يا همبستري ڪرڻ سان روزو ٽُٽي پوندو آهي جڏهن تہ روزيدار هجڻ ياد هجي ❖ حقو، سگار، سگريٽ، چرس وغيره پيئڻ سان بہ روزو ٽُٽي پوندو آهي. جيتوڻيڪ پنهنجي خيال ۾ نِڙيءَ تائين دونهون نہ پهتو هجي. ❖ پان يا رڳو تماڪ کائڻ سان بہ روزو ٽٽي پوندو آهي جيتوڻيڪ بار بار ان کي ٻاهر ٿڪندا رهون، ڇو تہ نڙيءَ ۾ ان جا سنها جُزا ضرور پهچندا آهن. ❖ کنڊ وغيره اهڙيون شيون جيڪي وات ۾ رکڻ سان ڳري ويندڙيون آهن اهي وات ۾ رکيون ۽ ٿُڪ ڳيهي ويؤ تہ روزو ٽٽي پوندو. ❖ ڏندن جي وچ ۾ ڪا شيءِ چڻي جي برابر يا ان کان وڌي رهجي وئي ان کي کائي ورتو يا ننڍي ئي

هئي پر وات مان ڪڍي ڪري وري ڪائي ورتي تہ روزو ٽٽي پيو. ❖ **ڏندن** مان رت نڪري نِڙيءَ ڪان هيٺ لٿو ۽ رت ٿُڪَ ڪان وڌيڪ يا برابر يا گهٽ هيو پر ان جو مزو نِڙيءَ ۾ محسوس ٿيو تہ روزو ٽُٽي پيو ۽ جيڪڏهن گهٽ هيو ۽ مزو بہ نِڙيءَ ۾ محسوس نہ ٿيو تہ **روزو** نہ ويو. ❖ **گرڙي** ڪري رهيا هيؤ بنا ارادي جي پاڻي نِڙيءَ ڪان هيٺ لٿو يا نڪ ۾ پاڻي چاڙهيو ۽ دماغ ڏانهن چڙهي ويو تہ روزو ٽُٽي پيو پر جيڪڏهن روزيدار هجڻ يُلجي ويا هُجو تہ نہ ٽُٽندو جيتوڻيڪ جاڻي واڻي تئي. ❖ ائين ئي روزيدار ڏانهن ڪنهن ڪا شيءِ اڇلائي، اها ان جي نِڙيءَ ۾ هلي وئي تہ روزو ٽُٽي پيو. ❖ وات ۾ رنگين ڌاڳا وغيره رکيا جنهن سان ٿُڪَ رنگين ٿي وئي پوءِ اها ئي رنگين ٿُڪَ ڳيهي ويؤ تہ روزو ٽُٽي پيو❖ ڳوڙها وات ۾ هليا ويا ۽ توهان ڳيهي ويؤ. جيڪڏهن قطرو يا بہ قطرا آهن تہ روزو نہ ويو ۽ وڌيڪ هئا ۽ ان جي ڇهراڻ پوري وات ۾ محسوس ٿي تہ ٽُٽي پيو. پگهر جو بہ اهو ئي حڪم آهي. (1)

ماه رمضان جا فضائل ۽ روزي جي متعلق تفصيلي احڪام ۽ مسائل جاڻڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دامت برکاتهم العاليه جو مايہ ناز ڪتاب "فيضان رمضان" پڙهي وٺو! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلى الله عليه واله وسلم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...فيضان رمضان، صفحہ:131 تا132۔